”سڪڻ ۽ سوري ٻنهي اکر هيڪڙي،
ٻنهي جي پوري، جيئه ڏنسي ري نه جڙي“

ان ڪري ئي شاهه وٽ ”عاشق“ زهر پياڪ آهي ”سوري“ اصل عاشق جو سينگار به آهي ته ڪيس سينگاري به ٿي. ”سوري چڙهڻ، سيج پڻ عاشق جو ڪم آهي. شاهه لطيف وٽ اصل عاشق پنهنجو اڱ الله ڪارڻ وڍي ٿو. شاهه لطيف وٽ اصل عاشق ٻڙ متي پرزا ٿيڻ ۽ چيري ۾ جاڻي جاڻ، سوريءَ تي مرڪي چڙهڻ جي ٻر پاريندا آهن. اصل عاشق جي اٻتڙ شاهه لطيف ”سڏڙيو“ آندو آهي. جيڪو سڪڻ جي سڏ ڪري جاڻي ٿو. ڪٿي ڪا ڪ رکي ٿو. ۽ ان جي ڪري ”سوري چڙهڻ“ ۽ ”ڪلاڙڪي ڪوهه“ وڃڻ ڪان ڪيٻائي ٿو:

”سڏڙيا، سري جون ڪوه ٻچارون ڪن.“

شاهه لطيف پنهنجي فهم ۽ ادراڪ سان زندگيءَ جي آتم ۽ اعليٰ ترين ڳڻن کي پنهنجي شاعريءَ جو ۽ پنهنجي تخليق جو مرڪز ٻڌايو آهي. شاهه لطيف سڄي دنيا جو آهي. ان ڪري ئي پنهنجي وطن جو به آهي — ۽ جو ته شاهه پنهنجي وطن جو آهي، تنهنڪري سڄي دنيا جو آهي. شاهه شخصي آزاديءَ ۾ يقين رکندڙ هڪ ڏاهو، ٻي ڏيهو ۽ ذهين انسان هو ۽ پنهنجي دؤر جو Genius هو — ۽ اهڙو ”جينئس“ ڪنهن قوم ۾ هڪڙو ئي پيدا ٿيندو آهي.

